اياز جاني

# هريش واسواڻي : سڄاڳ ضمير جو آواز


## *Abstract*

**'Haresh Waswani' A call from Live conscience**

*Haresh Waswani is a poet of modern poetry; four books are at his credit, on which a separate 'Literary Conference' should be arranged. Further, his poetry can be linked with the classical period of modern poetry, the icons of which period where Shaikh Ayaz and Narain Shyam. In continuation, where to his names also, viz: Hari-Kant, Anand Khemani followed by Atiya Daud, Pushpa Valbh, Amar Sindhu, Imtiaz Abro, Ali Hassan Chandio and Erum Mahboob.*

*The paper contains comparative study of 'modern poetry', as well as, we can call it 'Development of modern, poetry, from classical period up to modern period. The beauty and purity of art was its past; and, pangs of life and tortures of twentieth Century's moral and societal, Sufferings and human follies can be termed as it present.*

*Haresh, could not face the facts and was silenced by those hard facts. Nand-Chhugani, the Editor of 'Koonj', literary magazine was very much perturbed by such silence, which he has expressed in his writings.*

*The paper is a good research work, which will be helpful for researchers and readers.*


**هند** ۾ جديد شاعريءَ جي سرجڻهار هريش واسواڻيءَ کان اڳ سنڌي شاعري سنڌ توڙي هند ۾ اساسي سنڌي شاعريءَ جي مقبول صنفن، جهڙوڪ: ڪافي، بيت، گيت ۽ وائي ۽ ڪجھ جديد صنفن: غزل ۽ نظم جي دائرن ۾ گردش ڪري رهي هئي. شيخ اياز سنڌ ۾ نارائڻ شيام سرحد جي هُن پار هند ۾ اِنهن ئي صنفن ۾ تصور ۽ تخيل جا اڻ ڇهيل آڪاس دريافت ڪري رهيا هئا، پر مجموعي طور تي سنڌي شاعري عروض جي سحرانگيز فضائن ۾ جهومي رهي هئي. اهڙي دور ۾ هريش واسواڻيءَ جي اسي صفحن تي ٻڌل شعري مجموعي 'چاليھ چاهتر' نئين ڪوتا جي سڃاڻ ڪيئن حاصل ڪئي؟ اهو جديد سنڌي شاعريءَ جي تاريخ جو هڪ اهم سوال ته آهي ئي، پر ان سوال جي پس منظر ۾ هڪ غير معمولي ادبي حاصلات جي انوکي ڪٿا بہ آهي، جيڪا هڪ تخليقڪار فرد جي پنهنجي ذات جي شعور ۽ لاشعور جي تيز اپرندڙ لهرن جي بيقراريءَ جو حاصل آهي. فرد جي وجود جي اهڙي بيقراري، جنم ته لا حاصل محبت مان ئي ورتو، پر جيئن ته اُها ڪوجهي سماج جي هڪ خوبرو شاعر هريش





واسواڻيءَ جي ضمير جي بيقراري هئي، تنهن ڪري اها فرد جي داخليت جي روڄ جي بدران اجتماعي شعور جو غير معمولي اهڃاڻ بڻجي وئي ۽ وجوديت جي ادبي تحريڪ کي فڪري سطح تي بامعنيٰ بڻائي ڇڏيو .

هريش جي نثري نظمن جي تڪيري سواد ۽ ضمير کي جنجهوڙيندڙ احساس کان سنڌي شاعري اڳ بنھ واقف نہ هئي، تنهن ڪري جديد سنڌي شاعريءَ جي تاريخ جو اهو لمحو زبردست خوشي ۽ حيرت جو سبب آهي. خوشي بہ اهڙي، جيڪا طلاق جي دڙڪي تي بينل ڌيئرن جي ماءُ کي پٽ ڄمي پوڻ تي ٿيندي آهي ۽ حيرت اهڙي جيڪا گليلين ۽ پٽرن سان توبن کي شڪست ڏيڻ تي ناراض نسل کي ملندي آهي.

هريش واسواڻيءَ جي سڄاڳ نظمن ۾ هڪ اهڙي فرد سان سڃاڻ جو موقعو ملي ٿو، جنهن کي سماج جي منفي رخن تي پنهنجي بي اطميناني ۽ بيزاري ظاهر ڪندي بہ اطمينان نصيب نہ ٿو ٿئي. بظاهر وڏا ٺهڪ ڏيندڙ ۽ مطمئن نظر ايندڙ شخص پيار جي ٻانهن ۾ بہ جُهوليو ، پر سندس مقصد سنيوڳ جي لذت وٺڻ نہ هو:

"تنهنجي وڌندڙ ٻانهن وقت
منهنجون بند ٿيندڙ اکيون صرف ان لاءِ آهن
جيئن مان ڪنهن ظلم کي ٿيندو ڏسي نہ سگهان."(ڪان پوءِ) [1]

هريش واسواڻيءَ جو رومانوي اظهار بہ هن جي پنهنجي روح جو ڪٿارسس نہ بڻجي سگهيو، شايد ته هن کي شاعر، نقاد ۽ کهاڻيڪار نہ، پر پُرسوز انسانيت جو پيمبر بڻجڻو هو، جنهن جي خوابن ۾ صليبن کان سواءِ اڻ ڳاڻ ڳاٽن جو هڪ هجوم هو، جن جي وجود جي بيحسي ان وقت بہ احساس ۾ نہ بدلجي سگهي، جڏهن هڪ معصوم جسم کي ڪِليون ٺوڪي ٿياس تي ٽنگيو پئي ويو. اهو احساس'هڪ نئين سنسڪرتيءَ جو جنم' جي عنوان سان هريش واسواڻيءَ جي روح ۾ هڪ گهاوَ وانگر ڪُري ٿو ۽ هڪ احتجاجي رڙ وانگر گونجي ٿو:

"سنسڪار جي پيغمبر کي اسان
يوڳن جي سُوليءَ تي لٽڪائي
ان جي مستڪ ۾
ٿرسڪار جي ڪِلي ٺوڪي ڇڏي آهي.
جيستائين ان جو رت ڳڙندو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ شرير ڦٽڪندو
تيستائين ان جي شهادت جو
هڪ وحشياڻي مزو ماڻيندا آسين.
پر جڏهن ان جي آتما اڏامي ويندي
۽ جسم بي جان ٿي ويندو
تڏهن ان لاءِ
اسان جي دلين ۾ ڪهڪاءُ پيدا ٿيندو.
ان جي معصوم رت ۾ رڱيل
يوڳن جي صليب
اسان کي پوتر ٿيل نظر ايندي
پوءِ اسين ان جو هڪ نيشان بڻائيندا آسين
۽ اهو ڳلي ۾ لٽڪائي
هڪ نئين سنسڪرتيءَ کي جنم ڏيندا آسين."
(هڪ نئين سنسڪرتيءَ جو جنم) [2]

ادبي لحاظ کان اها مڃيل حقيقت آهي ته شاعري يا ڪا به ادبي تخليق فڪري ۽ فني لحاظ کان پنهنجي عهد جي نمائندگي ڪندي آهي، ان تي نئين يا پراڻي جي حد جو نشان نٿو لڳائي سگهجي، پوءِ ڪهڙو سبب هو جو هريش واسواڻيءَ جي ڳُوڙهن ويچارن کي نئين شاعريءَ جي حيثيت ۾ تسليم ڪيو ويو.

ڏسجي ته اٺويهين صديءَ جي وچ ڌاري اولهه جي شاعريءَ ۾ نئين شاعريءَ جو جنم ٿي چڪو هو، جنهن کي ويهين صديءَ ۾ پهرين مهاڀاري جنگ کان پوءِ وڏي مقبوليت حاصل ٿي.

ممتاز نقاد ۽ شاعر واسديو موهي هند ۾ نئين ڪوتا جي جواز ۾ ڪجهه هن ريت لکي ٿو: "20 صديءَ جي ستين ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۾ (1965 جي آس پاس)هند ۾ نئين ڪوتا ڏانهن لاڙو ٿيو، ۽ اهو صرف لاڙو ڪو نه هو،سڀني شاعرن /ڪوين جي جو پوريءَ طرح ان کي پاڻ سمرپڻ (سپردگي) هو. نئين ڪوتا ان وقت جي وڏن وڏن موزون شاعرن کي به پنهنجي گرفت ۾ آندو.نئين ڪوتا زندگيءَ سان دوبدو هئي. ان شخص/فرد کي پيڙيندڙ شهري عذابن جو بيحد ئي اثرائتو اظهار ڪيو:غير سلامتي،





پنهنجائپ جو لوپ (گم ٿيڻ)، بي حسي، رشتن جي خود غرضي، خود پرستي، اشتهاري ڏيکاءَ کان سدا نڀجندو رهڻ جي بد نصيبي، ڪٽنب / گهر کان بي نيازي، قدرن جو زوال، هڻ پٽ، شور، گندگي،(سياسي توڙي سماجي)، سڃاڻ سنڪٽ (Identity Crises)، اندروني آنند مانڊ، نا اميدي، فراريت، بيگانيت وغيره اهڙا عناصر هئا، جيڪي نئين ڪوتا جي تاڃي پيٽي ۾ سمايل هئا."[3]

سنڌ ۾ وجودي ڌارا جي نمائنده ڪهاڻيڪار ۽ نقاد ممتاز مهر پنهنجي تصنيف 'ويچار' ۾ نئين شاعريءَ جي حوالي ۾ لکي ٿو:

"جديد دور جي بورزوا ثقافتي ۽ معاشرتي انتشار ۽ آدرشي بگاڙ ادب ۾ وڏي پايي تي عالمي رجحانن کي جنم ڏنو، جن سان نون شاعرن رشتو جوڙيو. ان ريت نئين شاعريءَ جا خاص قدر وجود ۾ آيا."

ممتاز مهر وڌيڪ لکي ٿو: " نئين شاعري نئين نسل جي ڏکويل انسان جو آواز آهي، جنهن لاءِ سندس وجود خود هڪ سوالي نشان بڻجي پيو هو.نئين شاعريءَ ان کري هر طرح جي دقيانوسي ۽ مدي خارج خيال ۽ روايت جي خلاف ڪڙي ٿي وئي."[4]

ممتاز مهر جو تنقيدي ڪتاب 'ويچار' جيتوڻيڪ 1980ع ۾ شايع ٿيو، پر ان ۾ 'نئين شاعري' جي عنوان سان ڇپيل مضمون ڪتاب کان 9 سال اڳ جولاءِ 1971ع ۾ ماهوار رسالي 'نئين زندگي' ۾ شايع ٿيو هو، يعني اهو هريش واسواڻيءَ جي شعري مجموعي کان به پنج سال اڳ شايع ٿيو هو. تنهن ڪري 'چاليهه چاهتر' جي معنويت کي سمجهڻ لاءِ ممتاز مهر جي مضمون کي ڪتاب جي مهاڳ طور پڙهي سگهجي ٿو، ۽ اهو ضروري به آهي، ڇاڪاڻ ته 'چاليهه چاهتر' اڄ به اسان جي شعوري سطح کان گهڻي متاهين شاعري آهي، جنهن ۾ انسان جي سماجي پائماليءَ جا اهڙا ڪربناڪ عڪس چٽيل آهن، جن جي پيڙا قافيي، رديف ۽ شعري صنعتن جي حساڪين تي هِريل دلين جي سهپ کان ٻاهر آهي.

شاعريءَ جي ردم تي جهومندڙ روح ۽ مدهوش ٿيندڙ دلين کي جيڪڏهن ڪجهه لمحن لاءِ شعور جي ضبط ۾ آندو وڃي ته هريش واسواڻيءَ جي نظمن جي سٽن مان ڪجهه درد جي انوکي لذت ماڻجي، جيڪا سماجي انڪاريت مان اپري ٿي ۽ آزاد فضائن جو دستور بڻجي وڃي ٿي:

" انسان جي کلهن تي رکيل

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هي زندگيءَ جو بوجهه نه آهي
موت جي صليب جو بوجهه آهي
جنهن کي هو عيسيٰ وانگر پاڻ گهلي رهيو آهي
انتظار صرف ان مقدس آستان جو آهي
جتي ڪيس لٽڪايو ويندو.
پر هر مرندڙ انسان
خود ۾ چا پيغمبر نه آهي؟" (انسان- هڪ پيغمبر) (5)

***

"زندگيءَ جي مرده سرير جي چوڌاري
ڪتيون ٽيل ڪي ڳڇون
ڊپ گاڏڙ خوشيءَ وچان
پنهنجي پنهنجي حصي جو ماس پٽي
رهيون آهن" ( متڀيد جو درشن) (6)

***

"اڄ جاتو رهجي وڃڻ جو درد
ڊنل نانگ وانگر
انڌن رستن تان رڙهندو تو وڃي" (گيان ارٿ) (7)

***

"مان اجا مئو ڪو نه آهيان
پر الائي ڪيئن ڳجهن کي وشواس اچي ويو آهي
ته مان بيدمر تي چڪو آهيان." (سازش) (8)

***

"اسين سڀ ڊوڙي رهيا آهيون
(ريسِ جي گهوڙن وانگر)
انهن ڏسائن ۾
جن جي چونڊ اسان ڪو نه ڪئي آهي."(چونڊ) (9)
عوام جي جذبن جو قدر ڪندي



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

(ته عوام کي ويچارڪن جي موت تي نه
پر موت جي طرز تي اعتراض آهي)
حڪومت فيصلو ڪيو آهي
ڪنهن به ويچارڪ کي
پبلڪ ڦاسي ڪو نه ڏني ويندي
بلڪ انهن جي موت جي تعليم جو
بندو بست ڪيو ويندو
جيئن هو شائستگيءَ سان مرن
۽ عوام کي چاڻ نه پوي .(سرڪس عرف لوڪ تنتر جي وجهه) (10)

جيڪڏهن اوهان جي مائيٽي ضمير ۾ جنبش پيدا ٿي هجي ته هريش واسواڻيءَ جي ڪجهه هينين سٽن جي گونج به اوهان تائين ضرور پهچندي، جن ۾ رواجي وهنوار ۾ جڪڙيل حياتيءَ جي اذيت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي:

"اينگهايل موت جا خال پريندي
مون کي احساس ٿيندو ته
اينگهايل زندگيءَ جو ارٿ ڪهڙو آهي
۽ جي مرڻ ۾ مري جيئڻ سان
ان جي ڪهڙي نسبت آهي"(هڪ اوورسيئر جي اوور سيئنگ) (11)

هريش واسواڻيءَ کي 'چاليهه چاهتر' جي اهڙي ئي غير معمولي شاعريءَ جي بنياد تي 'نئين ڪوتا جو بانيڪار' ليکيو ويو، پر اهو اعزاز سرحد پار سنڌي شاعريءَ تائين محدود رهجي ويو، جاڪاڻ ته ورهاڱي جي تاريخي جبريت جي ڪري تخليق جي انهيءَ نئين روشنيءَ جو آرنڀ هريش واسواڻيءَ جي جنم ڀومي نور الاهي- بلوچستان جي بدران آديپور- ڀارت ۾ ٿيو.

مون کي ياد آهي ته سنڌي ادبي سنگت ڪراچي نوي واري ڏهاڪي ۾ پنهنجي فڪري عروج واري دور ۾ 'نئين ڪوتا' جي نمائنده شاعر هريڪانت جي شعري مجموعي 'لپ پر روشني' تي تنقيدي ورڪشاپ ڪرايو هو، جنهن سنڌ ۾ نثري نظم کي فڪر جي نئين سگهه ڏني هئي ۽ جديد شاعرن ۾ اظهار جي نئين جرئت پيدا ڪئي هئي. سنڌس هڪ غير معمولي نظم 'راڄ- لِيلا' ڀارت ۾ سرجندڙ نئين ڪوتا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي تخليقي مزاج کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي:

”ويهين صديءَ جي آخرين
چوٿائيءَ ۾
ڪا مائي
پٽ کي راجا بڻائڻ جو
خواب رڏي ٿي
پرجاواد جي سپنن جو گرڀ گهاتُ ٿيڻو ئي هئو
ٿيو.
لوڪشاهي سرشتي ۾ به راجڪماريون
۽ راجڪمار
بڻجي وينا وارث
موتين ۽جواهرن جا .
وطن وڪڻي
سلطان کي سلام نوڪڻ وارن
چالاڪ چاپلوسن معرفت
لاوارث عوام
ڏسندا رهيا راج- لِيلا
وقت آهه
وقتي واهه واهه
وهائيندي واڇن مان
اٽاسائيءَ ۾.
چورن کان آسيس وٺي
سنڀالين پيا امانتون
عوام جون.“ (راج- لِيلا)[12]

هريڪانت، هريش واسواڻيءَ کان پنج سال وڏو هو ، پر سندس شعري مجموعو ’لپ پر روشني‘، ’چاليهه چاهتر‘ کان يارهن سال پوءِ 1987ع ۾شايع ٿيو. هريڪانت ۽ هريش واسواڻيءَ کان پنج ست سال وڏو انند کيماڻي هو، جنهن جي به نئين





ڪوتا جي ڦهلاءَ ۾ وڏي حصيداري رهي، پر سندس شعري مجموعو ’شمشان گهاٽ وٽان لنگهندي‘ 1985ع ۾ شايع ٿيو. ان لحاظ کان نئين ڪوتا/نثري نظم جي فڪر ۽ احساس، اسلوب ۽ متن ۾ جيتري به سگهه ۽ وسعت پيدا ٿي سگهي آهي، ’چاليهه چاهتر‘ ان سموري سگهه کان اڄ به مٿيرو بيٺو آهي.

ويهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ سرجندڙ نثري نظمن ۾ هڪ وڏي اٿل آئي هئي، جن ۾ عطيه دائود، پشپا ولڀ، امر سنڌو، امتياز ابڙو، علي حسن چانڊيو ۽ ارم محبوب جي اظهار ۽ لهجي ۾ غير معمولي تبديلي محسوس ڪئي وئي هئي، پر اها سموري جوت ايڪويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي تائين هڪ مقرر معيار کان اڳتي نه وڌي سگهي. تازو نوجوان شاعر انور ڪاڪا جي نثري نظمن جو مجموعو ’وصيتنامو‘ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ اظهار جي تازگي ۽ ڪجهه نئين چوڻ جي جستجو موجود آهي، پر سندس نظم جو متن خاص ڪري ڊگهن نظمن ۾ گهٽي ڏيان جو گهرجائو آهي. معروضيت جي تخليقي اظهار جي حوالي کان سندس هڪ مختصر نظم هتي ڏجي ٿو:

”بم ڦاٽڻ کان پوءِ
چو طرف لاش پکڙيل
وچ ۾ هڪ نَجومي
هڪ ڀِيرو نوجوان جي لاش
اوچتو هٿ وڌائي نَجوميءَ کان پڇيو:
”بم ڌماڪي ۾ جي نه مران ها ته
هونئن ڀلا منهنجي عمر ڪيتري هئي؟“[13]

جيتوڻيڪ ستر کان پنجهتر واري عرصي ۾ نندي ڪنڊ ۾ مارڪسوادي لاڏتين جي روشني جهيڻي ٿي چڪي هئي، پر هريش واسواڻيءَ جي نئين ڪوتا ترقي پسند نظريي جي سختگيريءَ جي رد عمل جي پيداوار نه هئي. هريش پنهنجي ڪوتا ۾ وقت جي ڪنهن خاص نظريي يا تحريڪ کي نشانو نه بڻايو آهي، پر هن پوري انساني معاشري جي ناڪاريت (Negativism) کي نِنديو ضرور آهي، جيڪو هڪ سماج جي ذميوار قلمڪار لاءِ بيحد ضروري به آهي. هريش جي شاعريءَ جو بنيادي مقصد اظهار جي آزادي ۽ انفرادي تشخص جي بحالي آهي، پر هو ان لاءِ رياست جي رعايت يا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خيرات جو گهرجائو نہ ٿو ٻڌجي. بس هو بي انت اونداهيءَ جي احساس کي ان حد تائين اپاري ٿو، جو سماج جو هر بيچين فرد پنهنجي حصي جي روشني ڪرڻ لاءِ بيتاب ٿي پوي ٿو. ’ويهين صديءَ جي هڪ پڙدائي‘ ۾ هريش واسواڻيءَ پنهنجي حصي کان وڌيڪ روشني ڪندي چوي ٿو :

”يُوجنائن جي هن يگ ۾
گناهن کي ختم ڪرڻ لاءِ
قيدخانا سڌاريا ۽ وڌايا ويندا
انسان کي آجو رکيو ويندو
صرف احساس ۽ ايمان گرفتار ڪيا ويندا
پابند ۽ ڇئيوان
ايمان ۽ احساس
مهانگين قيمتن تي خريد ڪري
ڇڙيا گهرن ۾ سجايا ويندا
جتي جيئڻ جي دائرن جا
سڀ نقل ميسر هوندا.
رُليل ۽ پٽڪيل
ايمان ۽ احساس
( جي پنهنجي سجاڳپ لاءِ
ڪنهن مالڪ جو نالو ڏيئي نہ سگهندا)
آوارا گرديءَ جي اپراڌ ۾
ڍڪن ۾ قيد ڪيا ويندا
جن کي اوندهہ، سوڙهہ ۽ گهٽ ۾
بيجان بڻائي
معمولي قيمتن تي نيلام ڪيو ويندو
پوءِ جن مان ڪن کي ’زندگي‘ کان بهتر موت
بخشيو ويندو
۽ ڪن کي موت کان بدتر زندگي
بخشي ويندي
آزاد صرف ڪي ڇهبوڪ ۽ پهرا رهندا
جيئن قيد خانا آباد رهي سگهن.“

(ويهين صديءَ جي هڪ پڙدائي)[14]

جيڪڏهن ’چاليهہ چاهتر‘ جي احساس جي انوکن رنگن جو وقت سر سنڌ جي شاعريءَ ۾ رچاءُ ٿئي ها تہ سنڌي شاعريءَ جو تخيل ۽ تصور جي روايتي پيچرن تي گهڻو وقت ضايع نہ ٿئي ها، ۽ جيڪڏهن اڄ بہ سنڌ ۾ ’چاليهہ چاهتر‘ جو مطالعو ۽ فڪري ۽ نفسياتي ڇيد (Psychological Analysis) ڪيو وڃي تہ، سنڌي شاعري شعور جي وڏين بلندين کي ڇهي سگهي ٿي، جيڪا هن وقت بہ بي معنيٰ لفاظيءَ ۽ ڏکهن بحرن جي پينگهہ ۾ لڏي رهي آهي.

ضرورت آهي تہ هريش واسواڻيءَ جي چئني ڪتابن : ’76 ـ40‘(شاعري)، ’80ـ40‘ (ڪهاڻيون)، ’84ـ40‘ (تنقيد) ۽ ’000 ـ 0‘(ڪوتا ڪهاڻي ۽ سفرنامو) جي حوالي سان هڪ الڳ ادبي سيمينار منعقد ڪري، هڪ دور جي تخليقي ڏاهپ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. اهڙي ضرورت هريش واسواڻيءَ جي حياتيءَ ۾ بہ ٿئي ها تہ هو پاڻ بہ پنهنجي تخليق جي تنقيدي عمل مان گذري ها، تہ گهڻو ممڪن هو تہ ادبي حوالي سان هن جو قلم مرڻ گهڙيءَ تائين نہ رڪجي ها ۽ سنڌي ادب جي آڪاس تي پنهنجي احساس جا نوان رنگ ۽ ستارا پکيڙي سگهي ها، پر ايئن الائي ڪهڙن سببن جي ڪري ٿي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ تنقيد واري ڪتاب’80 ـ40‘ تي کيس 1987ع ۾ ساهتيہ اڪادمي پاران ايوارڊ بہ مليو هو ۽ سندس ادبي پرستارن ۾ ڪا گهٽتائي بہ نہ آئي هئي، پوءِ بہ هريش واسواڻيءَ پنهنجي زندگيءَ جا پويان ويهہ ٽيويهہ ورهيہ سنڌي ادب جي تخليقي منظر کان ڪنهن ناراضگيءَ سبب غائب رهيو.

ادبي مخزن ’ڪونج‘ جو ايڊيٽر نند ڇڳاڻي اشارن ڪناين ۾ هريش واسواڻيءَ جي مرڻ پڄاڻان سندس اختيار ڪيل خاموشيءَ بابت لکي ٿو:

”سنڌي ساهتيہ ۾ اهو هڪ زبردست حادثو رهيو جو هريش پهرين سنڌيءَ ۾ ۽ پوءِ صفا لکڻ ڇڏي ڏنو. جن حادثو ڪيو/ ڪرايو، پڄاڙيءَ تائين ٻاهران تہ مرڪندا رهيا، باقي اندر جي پيڙا /خوشيءَ جي خبر سندن وٽ، ٻيو خاوند کي. گانڌيدام ـ آديپور شهر هونئن تہ شاندار شخصيتن جو لاڏلو رهيو : ڀائي پرتاب، هوندراج دکايل،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

دلگير، ڪيولراماڻي، تولاڻي، دادي پمپاڻي، گجواڻي، واسواڻي، نرمل، آسن، هريش ...۽ پوءِ سنڌالاجيءَ جو گڏيل ڪٽنب وغيره. پر اهي سڀ هڪ ودوان ، جڳ پرسُٽ ساهتڪار ، پروفيسر کي چپ ڪرائڻ جا اکين ڏٺا شاهد رهيا، ان حقيقت کي جاچيندا رهيا. ڪن ان ۾ تڪو بهرو ورتو تہ ڀين وٽ شايد هريش جي ان پيڙا جو ڪو علاج ڪو نہ هو.“(15)

غير معمولي حساس شاعر جي حقيقت ڄاڻيندي بہ نند ڇُگاڻي: هريش جي خاموشيءَ کي سندس خطا قرار ڏيندي لکي ٿو:

”ٻڌجي ٿو تہ پوئين پهر ۾ هو ٻڌ ڀڳوان جي سکيا ساهتيہ ڏانهن لڙيو. ڀکشو ڪو نہ ٿيو، پر ان جي تمام ويجهو پهتو. منهنجي سمجهہ موجب ، جي هن تي ٻڌ ڀڳوان جي سکيائن جو اثر ٿئي ها تہ هو ضرور سنڌي ساهتيہ ڏانهن موٽ ڪائي ها. ٻولي، جنهن کي اسان ماءُ جو درجو ڏيندا آهيون، ان سان رٺل نہ رهي ها. دل جي پيڙا ڪڍي ٻاهر ڪري ها، ان جي زواليت جو شاهد نہ ٿئي ها. اتي خطا ڪانئس ضرور ٿي، ان ڪري سندس زندگيءَ جو حقيقي عڪس پردي ۾ رهيو.“(16)

پر مان سوچان ٿو تہ هو ڪنهن کان بہ ناراض نہ هو، جي هيو تہ پنهنجي معمول جي زندگيءَ کان ناراض هو، جيڪا هن لاءِ ڪنهن مقصد کان سواءِ اينگهايل موت وانگر اذيتناڪ هئي. بس مون کي آخر ۾ اهو چوڻ ڏيو تہ هريش واسواڻي، سنڌ جي غير معمولي حساس ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار ماڻڪ جي ردعمل ۾ مڪمل طبعي زندگي گذارڻ جو ارادو ڪيو، جيڪو هن لاءِ خوشگوار ثابت نہ ٿي سگهيو، ۽ هن لاءِ اهو بہ وقت گذري ويو جنهن ۾ هو ماڻڪ وانگر پنهنجي بي معنيٰ زندگيءَ جي اڌ ٻريل تيليءَ کي پاڻ ڦوڪ ڏئي وسائي سگهي ها.

مهيش نيٽواڻيءَ جي نظم ’شري هريش واسواڻي‘ سان هن مختصر مقالي جي پڄاڻي ڪيان ٿو ، جنهن ۾ سچ تہ ان نظم جيتري بہ وسعت ۽ گهرائي پيدا نہ ٿي سگهي آهي:

”مان جو آهيان
سا عنايت آ رب جي
پر تو مون کي
’پروجيڪٽ‘ وڌ ڪيو





مان انهيءَ ڏينهن سمجهي ويس
جي آڪاس چنڊ کان ننڍو هجي ها
تہ ڇا ان ۾
چنڊ تارا، سورج
چمڪن ها“(17)

## حوالا


1. 1- واسواڻي، هريش، 76-40، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، سال 1976ع، ص:40
2. 2- ساڳيو، ص:5
3. 3- موهي، واسديو، مقالو: ’هند- سنڌ جي غزل ۾ نوان لاڙا‘، ’ڪلاچي‘، شاهہ عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي، جون 2010ع، ص:94
4. 4- مهر، ممتاز، ’ويچار‘ آگمر پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 1980ع، ص: 53
5. 5- واسواڻي، هريش، 76-40، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، سال 1976ع، ص:10
6. 6- ساڳيو، ص:11
7. 7- ساڳيو، ص:13
8. 8- ساڳيو، ص:16
9. 9- ساڳيو، ص:20
10. 10- ساڳيو، ص:38
11. 11- ساڳيو، ص:44
12. 12- موهي واسديو، ’جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب‘ ساهتيہ اڪادمي نئين دلي، سال 2011ع، ص:66
13. 13- ڪاڪا، انور، ’وصيتنامو‘، ڪنول پبليڪيشن قنبر، سال 2013ع، ص:72
14. 14- واسواڻي، هريش، 76-40، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، سال 1976ع، ص:7
15. 15- ڇگاڻي نند، (ايڊيٽر) ڪونج، ممبئي (انڊيا) مئي- جون 2013، ص:119
16. 16- ساڳيو، ص:119
17. 17- سنڌي موٽواڻي هري، (ايڊيٽر) ڪونج، ممبئي (انڊيا) مئي- جون 1999، ص:26.


نوٽ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران ’سنڌري اتم چنداڻي، هريش واسواڻي ۽ ريتا شهاڻي‘ جي سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتن جي مان ۾ ڪوٺايل عذرخواهي واري ادبي ريفرنس ۾ پيش ڪيل مقالو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair